# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1988

# ڪراچي ڊولپمينٽ ۽ بيوٽيفڪيشن اٿارٽي آرڊيننس، 1988

# THE KARACHI DEVELOPMENT AND BEAUTIFICATION AUTHORITY ORDINANCE, 1988

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات

Short title, application and commencement

2. اختياري جي مقرري

Appointment of the Authority

3. اختياري جي ذميواري

Responsibility of the Authority

4. اختياري جو انتظام

Administration of the Authority

5. اسڪيمن جي تياري ۽ منظوري

Preparation and approval of schemes

6. اسڪيمن ۾ ڦير گهير

Alteration of Schemes

7. اسڪيمن تي عملدرآمد
Execution of Schemes
8. عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري
Appointment of Officers and Advisors
9. ملڪيت جي ليز ايڪسچينج وغيره
Lease exchange etc of property
10. فنڊ
Fund
11. حد دخلي
Encroachment
12. نالي جا نشان وغيره هٽائڻ
Removal of hoardings neon signs etc
13. رعايت
Compensation
14. گنجائشن تي اثرانداز ٿيڻ
Over riding provisions
15. ڏوهہ
Offence
16. ضمانت
Indemnity
17. قاعدا جوڙڻ جا اختيار
Powers to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1988

# ڪراچي ڊولپمينٽ ۽ بيوٽيفڪيشن اٿارٽي آرڊيننس، 1988

# THE KARACHI DEVELOPMENT AND BEAUTIFICATION AUTHORITY ORDINANCE, 1988

[28 جون 1988]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي شهر ۾ ڪجھ روڊن ۽ گهٽين جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون جوڙيون وينديون ۽ ان مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي شهر ۾ ڪجھ روڊن ۽ گهٽين جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ ان مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات**
Short title, application and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي ڊولپمينٽ ۽ بيوٽيفڪيشن اٿارٽي آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

(3) اهو ڪراچي شهر جي انهن روڊن ۽ گهٽين تي لاڳو ٿيندو، جن بابت حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ واضح ڪيو ويندو.

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين مضمون ۽ مفهوم جي ڪجهه متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب دفعه 3 تحت مقرر ڪيل اٿارٽي؛

(b) "ڪميٽي" مطلب ذيلي دفعه 5 تحت جوڙيل ڪراچي ايسٿيٽڪ ڪميٽي؛

(c) "فنڊ" مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e) "ڇاٽايل ايراضي" مطلب ڪا ايراضي جيڪا حڪومت طرفان دفعه 1 جي ذيلي دفعه (3) تحت ڇاٽائي وئي هجي؛

(f) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(g) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h) "اسڪيم" مطلب اسڪيم جنهن کي هن آرڊيننس موجب تيار ڪيو، جاري رکيو يا عملدرآمد ڪيو وڃي.

**اختياري جي مقرري**
Appointment of the Authority

3. (1) حڪومت، نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اٿارٽي طور ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا باڊي ڪارپوريٽ، ڪائونسل، گورنمينٽ فنڪشنري، تنظيم يا ڪميٽي مقرر ڪري سگهي ٿي.

(2) اٿارٽي هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب ٻنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ لاءِ اختيار سان گڏ لڳاتار وارثي ۽ مشترڪ مهر هوندي، ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهي ٿي ۽ ان خلاف ڪيس ٿي سگهي ٿو.

اختياري جي ذميواري
Responsibility of the Authority

4. (1) اٿارٽي ڄاڻايل علائقي جي سموري ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي جي ذميوار هوندي، ان مقصد لاءِ اها آرڊيننس جي گنجائشن موجب اسڪيم جوڙيندي، عملدرآمد ڪندي ۽ ان کي لاڳو ڪندي.

(2) اٿارٽي هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب پنهنجي ڪمن دوران ترقيءَ جي جوڳن اصولن تي عمل ڪندي حڪومت طرفان وقت بوقت جاري ٿيندڙ هدايتن مان رهنمائي وٺندي.

اختياري جو انتظام
Administration of the Authority

5. (1) اٿارٽي جي عام هدايت ۽ ضابطو ڪراچي ايسٽيٽ ڪنٽرول ڪميٽي وٽ هوندو.

(2) ڪميٽي مشتمل هوندي:

(i) چيف سيڪريٽري (چيئرمين)

(ii) سيڪريٽري، سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ (ميمبر)

(iii) ميئر، ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ڪراچي (ميمبر)

(iv) ڊائريڪٽر جنرل، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ميمبر)

(v) پاڪستان ريلويز جو نمائندو (ميمبر)

(vi) ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن جو نمائندو (ميمبر)

(vii) حڪومت طرفان مقرر ڪيو مستقل انجنيئر (ميمبر)

(viii) حڪومت طرفان مقرر ڪيل مستقل آرڪيٽيڪٽ (ميمبر)

(3) ڊائريڪٽر، ڊزائن بيورو آف ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي ڪميٽي جي سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏيندو.

(4) حڪومت ڪنهن به وقت ڪميٽي ۾ موجود ميمبر جي جاءِ تي ٻيو ميمبر مقرر ڪري ڪميٽي جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن ٻي طرح.

(5) ڪميٽي ڪنهن به شخص کي خاص مقصد لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿي.

(6) چيئرمين سندس غير موجودگي ۾ چيئرمين طور ذميواريون سنڀالڻ لاءِ هڪ ميمبر کي نامزد ڪري سگهي ٿو.

(7) حڪومت طرفان مقرر ڪيل هڪ غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي مرضي سان آفيس رکي سگهندو پر ڪنهن به وقت حڪومت کي خط ذريعي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

**اسڪيمن جي تياري ۽ منظوري**
**Preparation and approval of schemes**

6. (1) اٿارٽي، ۾ جيڪڏهن ڪميٽي طرفان هدايت ڪئي وئي هجي ڇاڻايل علائقي جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ اسڪيم جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت تيار ڪيل اسڪيم منظوري لاءِ ڪميٽي ۾ پيش ڪئي ويندي.

(2) اسڪيم لاڳاپيل هوندي:

(i) رڪاوٽن ۽ نالي جي نشانن کي هٽائڻ ۽ ٻيهر ڊزائن ڪرڻ يا معياري بڻائڻ بشمول انهن جڳهن جي نشاندهي ڪرڻ جتان اهڙيون رڪاوٽون يا نالي جا نشان هٽائڻا آهن يا لڳائڻا آهن؛

(ii) ٻوٽا ۽ ساوڪ پوکڻ

(iii) رائونڊ اباؤٽس، راڪريز، پارڪس يا ميدان جي واڌاري

جو ڪم؛
(iv) آبشارن جي تعمير؛
(v) يادگار ۽ پٽين تي نقش ٺاهڻ؛
(vi) گهٽين جو فرنيچر مهيا ڪرڻ؛
(vii) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ دوران ڪو اتفاقي يا حادثاتي معاملو.
(3) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ذيلي دفعه (2) ۾ ڏنل مضمونن جي فهرست تبديل ڪري يا ان ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي، ۽ سمجهيو ويندو ته اهڙو اضافو يا ترتيب هن آرڊيننس جي توسط سان لاڳو ٿي آهي.
(4) سموريون اسڪيمون اهڙي طريقي ۽ ترتيب سان تيار ڪيون وينديون، جيئن ڪميٽي واضح ڪري ۽ ٻين شين ۾ هيٺين معلومات شامل هوندي، يعني:
(a) اسڪيم جا تفصيل ۽ ان جي عملدرآمد جو طريقيڪار؛
(b) ڪتيل رقم ۽ فائدا؛
(c) اسڪيم طرفان مختلف مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رقم جو ڪاٽو.
(5) ڪميٽي اسڪيم يا منصوبي جي منظوري وقت اسڪيم يا منصوبي جي ماحول تي اثرن تي غور ويچار ڪندي ۽ جيڪڏهن ڪميٽي سمجهي ته ڪي اثر ناڪاري هوندا ته اها ڪنهن اسڪيم يا منصوبي کي عارضي طور يا هميشه لاءِ رد ڪري سگهي ٿي ۽ اسڪيمن يا منصوبن جي نظرثاني جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، جيئن به معاملو هجي.

**اسڪيمن ۾ ڦير گهير Alteration of**

7. جاري ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن به وقت پر اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ۾ اٿارٽي ڪميٽي جي منظوري سان ان کي تبديل

ڪري سگهي ٿي.

Schemes

8. (1) هن آرڊيننس جي ٻين گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي منظور ڪيل اسڪيم تي عملدرآمد ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي جيڪي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

اسڪيمن تي عملدرآمد
Execution of Schemes

(2) اٿارٽي، ڪميٽي جي منظوري سان اسڪيم جي تعمير ڪنهن شخص، شخصيتن جي باڊي، فرم يا ڪنهن ڪمپني کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي سونپي سگهي ٿي جيئن ٻنهي اٿارٽي ۽ اهڙي شخص، شخصيتن جي باڊي، فرم يا ڪمپني وچ ۾ گڏيل طور تي طئي ٿئي.

9. (1) اٿارٽي، ان جي ڪمن جي ڪاردگي سڌارڻ لاءِ، اهڙا صلاحڪار ۽ عملدار ۽ ٻيو اسٽاف اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل ۽ منسٽيريل اهليت ۽ تجربي وارو مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي جيئن واضح ڪيو ويو هجي.

عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري
Appointment of Officers and Advisors

(2) اٿارٽي جي صلاحڪارن، عملدارن، ملازمن ۽ اسٽاف خلاف انتظامي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ اهڙي طريقي جيئن واضح ڪيو ويو هجي.

10. اٿارٽي، ڪميٽي جي اڳوات منظوري سان ان جي هٿ هيٺ ڪنهن ملڪيت جي ليز ڏئي، وڪرو ڪري، مٽا سٽا ڪري، پاڙي تي ڏئي سگهي ٿي.

ملڪيت جي ليز ايڪسچينج وغيره
Lease exchange etc of property

11. (1) هتي هڪ فنڊ هوندو جيڪو "اٿارٽي فنڊ" جي نالي سان ڄاتو ويندو جيڪو اٿارٽي ۾ استعمال ٿيندو ۽ اٿارٽي

فنڊ
Fund

طرفان هن آرڊيننس تحت استعمال ۾ آندو ويندو.

(2) اٿارٽي فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت طرفان مليل سبسڊي ۽ گرانٽس؛

(b) لوڪل باڊيز طرفان ڏنل گرانٽس؛

(c) اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(d) اٿارٽي طرفان بازيابي لائق فيس، ڀاڙو يا ٻي ڪا رقم.

(3) اٿارٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت رکيا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا جيئن واضح ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| 12. (1) واضح ڪيل ايراضي ۾ حد دخلي ڪي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلي هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 تحت منهن ڏنو ويندو.<br>(2) جيستائين ڪجهه ڪنهن ٻئي قانون يا معاهدي جي متضاد نہ هجي، اٿارٽي ڪنهن بہ هنڌ يا عمارت تان رڪاوٽ يا نالي جو نشان هٽائي سگهي ٿي. | حد دخلي<br>Encroachment |
| 13. جيڪڏهن ڪو نالي جو نشان، رڪاوٽ يا تعمير، واضح ڪيل هنڌ تي لڳائي، هٽائي يا تعمير ڪئي وڃي ٿي جيڪا هن آرڊيننس جي گنجائشن جي تڪرار ۾ اچي ٿي يا اٿارٽي جي هدايتن جي ابتڙ اهي يا ٻي صورت ۾ ڄاڻايل علائقي جي ڪنهن حصي جي ماحولياتي خوبصورتي ۾ رنڊڪ آهي، اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ ان طرفان بااختيار ٻڌايل ڪو شخص، لکت ۾ ان نالي جي نشان، رڪاوٽ يا تعمير جي مالڪ، قبضو رکندڙ، استعمال ڪندڙ يا جنهن جي هٿ هيٺ اها آهي، ان کي اها هٽائڻ يا تبديل ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو، ساڳئي کي هن آرڊيننس جي گنجائشن، اٿارٽي جي قاعدن ۽ هدايتن موجب آڻي سگهي ٿو. | نالي جا نشان وغيره هٽائڻ<br>Removal of hoardings neon signs etc |

**رعايت Compensation**

14. جتي اختياري مطمئن آهي تہ ڪنهن شخص کي ڪو نالي جو نشان يا رڪاوٽ هٽائڻ تي مالي نقصان ٿيو آهي تہ، لاڳاپيل ماڻهو کي اهڙو موزون معاوضو ڏنو ويندو جيڪو اٿارٽي يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص طئي ڪندو.

**گنجائشن تي اثرانداز ٿيڻ Over riding provisions**

15. جيڪڏهن ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي، ڪراچي ميٽرپوليٽن ڪارپوريشن، زونل ميونسپل ڪميٽي ۽ ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جاٽايل علائقي ۾ ڪو قدم نہ کڻنديون، ان کي مليل ڪو ڪم نہ ڪنديون، يا هن آرڊيننس تحت اٿارٽي ۾ مليل ڪو اختيار استعمال نہ ڪنديون.

**ڏوهہ Offence**

16. (1) جيڪو بہ هن آرڊيننس جي گنجائشن يا قاعدم جي ڀڃڪڙي ڪندو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ ۽ ڏنڊ نہ ڀرڻ جي صورت ۾ قيد جي سزا وڌيڪ ٻن مهينن تائين وڌائي ويندي ۽ جيڪڏهن ڏوهہ لڳاتار ڪيو وڃي ٿو تہ وڌيڪ ڏنڊ جيڪو پهريون ڀيرو ڪرڻ واري تاريخ کان هر روز پنج سئو رپيا جي حساب سان هوندو، ان عرصي کان وٺي، جڏهن کان جوابدار ڏوهہ ڪرڻ شروع ڪيو هجي.

(2) هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڪم تي ڪا بہ عدالت ڪارروائي نہ ڪندي جيستائين اٿارٽي طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

**ضمانت Indemnity**

17. ڪو ڪيس يا قانوني ڪارروائي حڪومت يا اٿارٽي خلاف نہ ٿيندي جيڪڏهن هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪيو ويو هجي يا ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو

هجي.

| | |
|---|---|
| 18. حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جا اختيار Powers to make rules |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**